SINDH PRISONS & CORRECTIONS SERVICE

COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS

LEGAL AID OFFICE

# معافي



## 01

**معافي ڇا آهي؟**

معافي يا جلد رهائي جو مقصد قيدين جي اصلاح ۽ بحالي لاء مراعتون فراهم ڪرڻ آهي. معافي جي هن اسڪيم جو مقصد قيدين پاران جيل ۾ نظم ۽ ضبط ۽ سٺي ورتاء ڪي يقيني بنائڻ آهي. جنهن سان انهن ۾ جيل کان جلد رهائي جي خواهش ڪي هٿي ملي سگهي

معافي جو نظام هڪ اهڙو بندوبست آهي جنهن وسيلي هر قيدي جنهن کي ڇئن مهينن يا ان کان گهٽي عرصي جي سزا ٻڌائي وئي هجي (هڪ سزا هجي يا هڪ کان وڌ سزائن جي نتيجي ۾) اهو پنهنجي سٺي اخلاق وسيلي جلد رهائي جو حقدار ٿي سگهي ٿو جڏهن هن جي سزا جو ٽيون حصو پورو ٿي چڪو هجي.



# 02

آئون معافي ڪيئن حاصل ڪري سگھان ٿو؟




01 جيل ۾ ستو ورتاءُ ۽ جيل جي سمورن قائدن ۽ ضابطن تي مڪمل عمل ڪرڻ جي نتيجي ۾ ماهوار چئن ڏينهن جي معافي ڏئي سگھجي ٿي

02 صنعت ۽ روزاني ڪم ڪار ڪي سٺي طريقي سان نيائڻ جي صورت ۾ به ماهوار چئن ڏينهن جي معافي ملي سگھي ٿي

**03**

# ٽيبل 03

| سيريل نمبر | ليبر الاٽمينٽ جي مطابق قيدين جي درجي بندي | ماهوار عام معافي ايوارڊ ۾ واڌ |
|---|---|---|
| 1 | بورچي | 8 ڏينهن |
| 2 | استاد يا انسٽرڪٽر يا ٽرينر | 10 ڏينهن |
| 3 | پهاري ڏيڻ وارو | 8 ڏينهن |
| 4 | آفيس ۾ ڪم ڪرڻ وارو، مالي، بجلي جو ڪم ڪرڻ وارو، پلمبر، واڍو، رازو، حجم، اسپتال جو اٽينڊنٽ، صفائي وارو ۽ اهڙا قيدي جيڪي آچر يا موڪل واري ڏينهن ڪم ڪندا آهن | 7 ڏينهن |
| 5 | ريگوليشنز جي تحت ڏنل ڪوئي بيو ڪم ڪندڙ | جيئن ضابطن ۾ مقرر ٿيل آهي |

04

**معافي ڏيڻ جو طريقو ڇا آهي؟**

1. عام معافي جي منظوري ڏيڻ کا پهريان اهڙي معافي ڏيڻ وارو آفيسر قيدي جي ٽڪيٽ جو غور سان جائزو وٺندو جنهن ۾ قيدي کي مليل هر سزا کي احتياط سان رڪارڊ ڪيو ويندو آهي

2. روايتي طور تي خبردار ڪرڻ کان سواءِ اگر ڪنهن قيدي کي گزريل ٽن مهينن دوران سزا ناهي ڏني وئي تہ ان کي قائدن جي تحت انهن ٽن مهينن جي لاءِ مڪمل عام معافي ڏني ويندي.

3. اگر ڪنهن قيدي کي گزيل ٽن مهينن اندر رسمي طور تي خبردار ڪرڻ سان گڏوگڏ سزا بہ ڏني وئي هجي تہ جنهن مهيني ۾ سزا ڏني وئي هجي ان منجهان ڀن ڏينهن جي کان وڌيڪ نہ ڪٽيا ويندا پوءِ ڀلي ان هڪ مهيني ۾ هڪ کان وڌ سزائون ڏنيون ويون هجن. جيل اصول 782



# 05

### سٺي سلوڪ جي پيٽ ۾ معافي سان ڇا مراد آهي؟

1 مقرر ٿيل ضابطن جي تحت عام معافي جو اهل ڪو به قيدي جيڪو پنهنجي سزا جا شروعاتي ڏينهن يا جيل اماڻڻ واري تاريخ کان وٺي هڪ سال جي مدي تائين جيل جي ڪنهن به قائدي قانون جي ڀڃڪڙي ڪونه ٿو ڪري ۽ نه ئي وري ڪوئي جرم ٿو ڪري ته انهن قائدن تحت حاصل ٿيل ڪهڙي به قسم جي معافي کان سواءِ پندرنهن ڏينهن جي واڌاري عام معافي به ڏني ويندي

2 هر ان قيدي کي جيڪو پهنجي قيد جي مدي دوران جيل جي قاعدن جي ڀڃڪڙي کان آجو رهي پنهنجي سزا جا ٽي سال مڪمل ڪري ته ان قاعدي تحت پندرنهن ڏينهن جي ساليانې معافي کان سواءِ سزا جا ٽي سال پورا ٿيڻ تي سٺي ونهوار جي عوض ٽيهن ڏينهن جي واڌاري معافي به ڏني ويندي. ان شرط سان ته حاصل ٿيل ڪا به معافي ڪنهن به صورت ۾ انهن قانونن جي تحت اجازت جي قابل وڌ کان وڌ معافي کان متاهين نه هجي

3 جيل ۾ نظم و ضبط جي خلاف ورزي يا صرف خبردار ڪرڻ سان گڏ ڏنل سزا کي هن قاعدي تحت معافي جي لاءِ پرگهور ۾ نه رکيو ويندو. جيل اصول 784

# 06

## چا ڪا مخصوص معافي ٻه هوندي آهي؟

ڪنهن به قيدي کي مخصوص معافي ڏئي سگهجي ٿي، پلي هو عام معافي جو حقدار هجي يا نه، خاص خدمتن جي لاءِ جيئن ته:

- **a** ٻين قيدين کي پڙهائڻ
- **b** پڙهڻ لکڻ سکڻ ۾ خاص مهارت حاصل ڪرڻ يا امتحان پاس ڪرڻ
- **c** دستڪاري جي تعليم ۾ نمايان
- **d** ڪم جي خصوصي مهارت حاصل ڪرڻ يا ڪم جي معيار کي وڌائڻ
- **e** ڪنهن آفيسر يا قيدي يا ملاقاتي جي جان بچائڻ يا حفاظت ڪرڻ
- **f** باه لڳڻ يا اهڙي طرح جي ڪنهن ٻي هنگامي صورتحال ۾ جيل جي آفيسر کي خصوصي مدد ڏيڻ
- **g** ڪپڙن جي استعمال ۾ خصوصي اعتدال پسندي
- **h** جيل ۾ ٿيندڙ نظم و ضبط جي ڀڃڪڙن جي خبر لهڻ يا انهن کي روڪڻ ۾ مدد ڏيڻ
- **i** رمضان ۾ باقاعدگي سان نماز پڙهڻ ۽ روزا رکڻ
  قيدين کي فرار ٿيڻ کان روڪڻ يا روڪڻ ۾ مدد فراهم ڪرڻ، فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪرڻ واري
- **j** قيدين کي پڪڙڻ، يا ڪنهن قيدي يا قيدين جي ڪنهن گروپ جي فراري واري منصوبي يا ڪوشش بابت معلومات ڏيڻ
- **k** هنگامي حالتون، جهڙوڪ باهه، فساد ۽ هڙتال سان منهن ڏيڻ ۾ ڪنهن به آفيسر جي مدد ڪرڻ
- **l** جيل جي سنگين خلاف ورزين بابت اطلاع ڏيڻ يا مدد ڪرڻ
- **m** ثقافتي يا تعليمي سرگرمين ۾ نمايان شرڪت ڪرڻ
- **n** حڪومت يا فلاحي تنظيمن پاران مهيا ٿيندڙ قانوني پروگرامن ۾ شموليت ڪرڻ

07

# سموري معافي جي حد

01

نمبر قاعدي موجب ڏنل رت جوعطيو عوض معافي، قاعدي نمبر 786 موجب آپريشن وسيلي 785 بنجر ڪاري ۽ قاعدي نمبر 787 موجب امتحان پاس ڪرڻ عوض معافي ڪان سواء هڪ قيدي کي ڏنل عام ۽ خاص ۽نهي طرح جي مڪمل معافي هن جي سزا جي ٽئين ياڱي ڪان وڌيڪ نہ هوندي ان شرط ساڻ تہ حڪومت ٽئين ياڱي ڪان وڌيڪ معافي ڏئي

02

زندگي ۾ حاصل ڪيل عام ۽ خاص معافي جي حد ايتري هوندي تہ جنم ٽيپ گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن سال يا ان ڪان وڌيڪ هجي پر ان ڪان گهٽ نہ هجي

# 08



## تعليم جي عوض معافي مان ڇا مراد آهي؟

اهڙو سزاياف‍ته قيدي جنهن هيٺ ڄاڻايل مخصوص امتحان پاس ناهن ڪيا اهو ان تعليمي سال ۾ مٿي ڄاڻايل ڪنهن ڪنهن به امتحانن منجهان ڪنهن به هڪ ۾ حاضر ٿي سگهي ٿو ۽ اهڙي طرح جو امتحان پاس ڪرڻ تي هيٺ ڄاڻايل پيماني موجب معافي حاصل ڪرڻ جو حقدار هوندو ان شرط سان ته هو سٺي ڪردار جي حامل آفيسر انچارج پاران تصديق ٿيل هجي.

| امتحان جو نالو |
| --- |
| ڪنهن يونيورسٽي، انٽرميڊيٽ يا سيڪنڊري تعليم يا هنري سکيا جو ڪوئي بورڊ، ڊائريڪٽر ايجوڪيشن يا ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر را ڪنهن رجسٽرڊ اين جي او پاران رکيل امتحان |
| انگريزي، عربي، اردو، سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو ڳا ڪنهن ٻي زبان جو امتحان |
| ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر جي اهتمام هيٺ پرائمري ڪلاس جو امتحان |
| قرآن سکڻ جو امتحان جيڪو قيد دوران سکڻ وارن قيدين کان ورتو ويندو آهي |
| اهڙا قيدي جيڪي قيد دوران پنهنجي مذهبي تعليم حاصل ڪندا آهن انهن منجهان هندو قيدين جي معاملي ۾ گيتا ۽ مسيحي قيدين جي معاملي ۾ بائيبل پڙهڻ جو امتحان |
| قرآن پاڪ جي معني کي سمجهڻ جو امتحان يا اسلام جي بنيادي اصولن کي سمجهڻ ۾ مهارت حاصل ڪرڻ |
| قيد جي دوران دل سان قرآن سکڻ وارن سزاياف‍ته قيدين لاءِ قرآن مجيد دل سان سکڻ (قرآن جي حافظي) جو امتحان |

# 09



## چا آئون رت جو عطيو ڏئي معافي حاصل ڪري سگهان ٿو؟

1 سزايافته قيدي ڪي هن جي طبي تندرستي سان مشروط خون عطيو ڪرڻ جي اجازت هوندي، اهڙي طرح جي عطئي عوض هن ڪي ٽيھ ڏينهن جي واڌاري معافي ڏني ويندي

2 جيترا يا ڪيترا پيرا ڪنهن قيدي ڪي رت عطيو ڪرڻ ۽ معافي حاصل ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي ان جي تفصيل هن ريت آهي؛


| قيد جو مدو | قيد جي قسم | هر عطئي جي وچ ۾ جائز وقفو | عطيو ڏيڻ جي حد |
|---|---|---|---|
| هڪ مهيني کان ڇهن مهينن تائين | سادي يا سخت يا جرماني جي بدران | ..... | رڳو هڪ پيرو |
| ڇهن مهينن کان وڌيڪ ۽ پنجن سالن تائين | سادي يا سخت يا جرماني جي بدران | چار مهينا | چار پيرا |
| پنج سال ۽ ان کا وڌيڪ عرصو | سخت | چار مهينا | چار پيرا |

**شروعاتي ڊسچارج _ ترت نيڪالي ڇا آهي؟ ۽ هڪ قيدي ان جو فائدو ڪهڙي ريت حاصل ڪري سگهي ٿو؟**

هن ايڪٽ ۽ قاعدن جي ضابطن جي تابع ، انچارج آفيسر سزا يافته قيدين ڪي ڪجھ مخصوص شرطن موجب وقت کان پهرين رها ڪندو.

هيٺ ڄاڻايل ڪجھ قسمن جا قيدي جلدي نيڪالي جا حقدار هوندا:

- نااهل ڏتا ويندڙ قيدي
- لاعلاج بيمارين ۾ مبتلا قيدي
- عورت اگر ست ورهين جي ڄمار تائين پهچي چڪي هجي
- مرد اگر پنجهٺ ورهين جي ڄمار تائين پهچي چڪو هجي
- ڪمزور ٿي ويندڙ ماڻهو
- جن قيدين پنهجي سزا جو اڌ مدو (معافي سميت) اصلاحات سان گڏ مڪمل ڪري ورتا هجن
- اهي ڀارۈ عورتون جيڪي معاشري جي امن لاء خطرو نہ آهن ۽ نہ ئي وري ڪنهن وڏي ڏوهہ يا دهشتگردي جي ڪاروائي ۾ ملوث هجن



2 معاملي موجب ڊپٽي سپرنٽينڊنٽ يا ميڊيڪل آفيسر جو فرض هوندو تہ هيٺين قاعدي (ا) جي تحت جلد نيڪالي ڏنل قيدين جي سڃاڻپ ڪري هڪ فهرست ٺاهي، اهڙي قيدين جي فهرست انچارج آفيسر کي فراهم ڪئي ويندي جيڪا لاڳاپيل ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل وسيلي انسپيڪٽر جنرل کي پيش ڪئي ويندي تہ جيئن هو ان کي جيل مئنيجمينٽ بورڊ آڏو پيش ڪري مقدمن کي جلد نيڪالي ڏيڻ يا نبيرڻ جي باري ۾ فيصلو ڪن

3 ذيلي قاعدي جي شق (ا)، (2) ۽ (4) موجب قيدين جي طبي حالتن جي جاچ وٺڻ ۽ انهن جي جلد نيڪالي جي سفارش لاء ميڊيڪل بورڊ ڏانهن اماڻيو ويندو

4 ذيلي اصول (ا) جي شق (3) ۽ (4) لاء عمر جو فيصلو هيٺ ڄاڻايل طريقي موجب ڪيو ويندو:

قومي سڃاڻپ ڪارڊ ۽ تعليمي سرٽيفڪيٽ يا

اگر اهڙو ڪوئي دستاويز ڪونہ آهي تہ ميڊيڪل بورڊ

ٽرانسجينڊر_ خواجہ سرا هئڻ جي صورت ۾ قومي سڃاڻپ ڪارڊ ۾ بيان ٿيل جنس جي ذريعي.

جيل اصول 724





COMMITTEE FOR THE WELFARE OF PRISONERS
LEGAL AID OFFICE


هیڈ آفس

Block - C, First Floor, FTC Building,
Shahrah -e-Faisal, Karachi.,

فون

ٹول فری : 0800-70806
هیڈ آفس : 021-35390132-33
کال سینٹر آفس : 021-35308533

ای میل
info@lao.org.pk

فیس بک
@LegalAidOfficePakistan

ویب سائٹ
www.lao.org.pk



خاکہ نگار
سحر سطوت